جار المسجد و من يستمع الاذان

# مسجد جو حق

# پاڙيسري تي

تاليف محمد بن عبدالعزيز المسند

مترجم و مراجع لغوي : عبدالغفار جوڻيجو

مراجع شرعي و نهائي : مسعود احمد

المراجع: مؤسسة القرآن والسنة

للبحوث الإسلامية الخيرية

گلستان جوهر-2 ڪراچي سنڌ

بسم الله الرحمـن الرحيم

جيڪڏهن ڪنهن اداري جو پگهاردار يا نوڪر پنهنجي لاءِ آفيس ۾، صرف هڪ دفعو هفتي ۾، يا هڪ مهينو سال ۾، سستيءَ ۽ ڪوتاهيءَ سبب اچي ۽ جڏهن سندس بالا آفيسر ڪيس آفيس ۾ گهرائي چوي ته ٻين ملازمن وانگر روزانو ڊيوٽيءَ تي ايندو ڪر. پوءِ اهو انڪار ڪندي چوي ته آءٌ آفيس جو ڪم گهر ۾ ڪندس.

## توهان اهڙي ملازم جي باري ۾ ڇا چوندؤ؟

ڇا اهڙو شخص نوڪري مان ڪڍڻ لائق نه آهي؟ پوءِ پلا توهان جو ان مسلمان جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي، جيڪو مسجد ۾، سڄي هفتي ۾ هڪ ڏينهن (جمع) کان سواءِ نٿو اچي، يا سال ۾ هڪ مهيني (رمضان)۾ اچي ٿو؟ سندس چوڻ آهي ته آءٌ اها وڏي جوابداري پنهنجي گهر ۾ ادا ڪندو رهندس، ڇا اهو ماڻهو لوڏڻ ۽ الله جي رحمت کان پري ٿيڻ جو حقدار نه آهي؟

انهن ٻنهي صورتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

ڇا ڪو دنياوي ملازم ائين سوچيندو آهي تہ هو پنهنجي ڊيوٽي آفيس جي بجاءِ گهر ۾ ادا ڪندو؟ پوءِ گهڻا ماڻهو اها ڳالهہ ڇو نٿا سوچين تہ اسان کي گهر جي بجاءِ نماز مسجد ۾ پڙهڻ گهرجي، حقيقت ۾ نماز ادا ڪرڻ جي اها ئي جاءِ آهي.

روزانو صبح سوير مقرر وقت تي ملازم پنهنجي آفيس لاءِ نڪرندا آهن تہ ماڻهو پنهنجي ڪم ڪار سان، شاگرد مدرسن، اسڪولن ۽ ڪاليجن ڏانهن ويندا آهن، اهڙي طرح رستا ۽ روڊ ڀرجي ويندا آهن. پر جڏهن بانگو نماز جي طرف سڏيندو آهي، خاص ڪري فجر جي نماز لاءِ، تہ ان وقت ڪي ٿورا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي نماز لاءِ نڪرندا آهن. ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ اي اڪين وارؤ! ڇا بزرگي ۽ وڏائي بيان ڪرڻ الله جو حق نہ آهي؟ ڇا الله جو حق ادا ڪرڻ ۽ ان جي ڊيوٽي بجا آڻڻ ۾ توهان کي اڳرائي ڪرڻ نٿي جڳائي؟

## نماز رزق ۾ ڪشادگيءَ جو سبب آهي

زمين ۾ بهترين جاءِ مسجد آهي ۽ ان ڪي نماز سان آباد ڪري سگهجي ٿو ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ رزق ۾ واڌ جو ڪارڻ آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

فِي بُيُوتٍ أَذِنَ اللَّهُ أَنْ تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ فِيهَا اسْمُهُ يُسَبِّحُ لَهُ فِيهَا بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ رِجَالٌ لَا تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ وَإِقَامِ الصَّلَاةِ وَإِيتَاءِ الزَّكَاةِ يَخَافُونَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيهِ الْقُلُوبُ وَالْأَبْصَارُ لِيَجْزِيَهُمُ اللَّهُ أَحْسَنَ مَا عَمِلُوا وَيَزِيدَهُمْ مِنْ فَضْلِهِ وَاللَّهُ يَرْزُقُ مَنْ يَشَاءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ(النورع 5 پ 18)

اِهي اُهي گهر آهن، جن لاءِ الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي تہ انهن جي عزت ڪئي وڃي ۽ انهن ۾ سندس نالو بلند ڪيو وڃي. مرد اهي آهن جن کي سندن تجارت ۽ واپار الله جي ياد ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان نہ روڪيندو آهي. اهي ماڻهو انهيءَ ڏينهن کان ڊڄن ٿا، جنهن ۾ دليون

۽ اکيون ابتيون ٿي وينديون. هن لاءِ تہ انهن جيکي بہ سهڻا عمل ڪيا آهن، تن جو ڪين الله تعاليٰ سهڻو بدلو عطا ڪري ۽ ڪين پنهنجي مهربانيءَ سان اجا بہ وڌائي ڏي ۽ الله جنهن کي بہ گهرندو آهي، ان کي بي حساب رزق عطا فرمائيندو آهي.

انهيءَ حقيقت تي هن آيت جو آخري حصو شاهد آهي:

وَيَزِيدَهُمْ مِنْ فَضْلِهِ وَاللَّهُ يَرْزُقُ مَنْ يَشَاءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ

ان کان ترو اڳ ۾ آهي:

رِجَالٌ لاَ تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَلاَ بَيْعٌ ظاهر آهي تہ رزق جون ڪنجيون الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن، جنهن کي جيترو وٽي عطا ڪري. جنهن کي گهري تہ ڏي ۽ جنهن کي وٽي ان کي محروم ڪري. جنهن کان روڪي ان کي ڏيڻ وارو ڪو ڪونهي ۽ جنهن کي عطا ڪري ان کي محروم ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونهي. اها بہ هڪ مجيل حقيقت آهي تہ ٻانهو نافرمانيءَ ۽ گناهن جي ڪري رزق کان محروم ٿيندو آهي، جيئن رسول الله ﷺ جن اسان کي ٻڌايو آهي. ظاهر آهي

تہ ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو گناھ ٿي نٿو سگھي، جو اللّٰہ جي حڪمن ۽ ان جي حقن ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ انهن کي هلڪو سمجهيو وڃي. نہ رڳو ايترو بلڪ ان جي حڪمن کان ٻين جي حڪمن کي مٿانهون ڪيو ۽ انهن کي مقدم سمجهيو وڃي ۽ اللّٰہ رب العزت جي حڪمن کي ڇڏي ٻين جا حڪم مڃيا وڃن.

اوهان مٿي اللّٰہ تعاليٰ جو فرمان پڙهيو تہ اللّٰہ وارن کي ان جي ياد ۽ ان جي عبادت کان، دنيا جي ڪابہ شيء غافل نٿي ڪري سگھي. در حقيقت مڙس ماڻهو اهي ئي آهن. ٻيا تہ بظاهر مرد نظر اچن ٿا، مگر حقيقت اها ئي آهي تہ اهي مرد نہ آهن، ڇو تہ گھرن ۾ نماز پڙهڻ دراصل عورتن جي عادت آهي، بيشڪ نبي ڪريم ﷺ جن ارادو فرمايو تہ انهن ماڻهن جي گھرن کي باھ ڏيئي ساڙي ڇڏين جيڪي مسجدن ۾ نماز پڙهڻ کان پوئتي رهجن ٿا. ليڪن ڪين انهيءَ ڳالھ روڪيو جو گھرن منجھ معصوم ٻار ۽ ڪمزور عورتون رهن ٿيون. جن تي نماز باجماعت فرض نہ آهي.

## منافقيءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو

الله تعاليٰ منافقن جي هڪ خاص صفت جو بيان پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ ڪيو آهي. اها هيءَ آهي ته اهي نماز باجماعت پڙهڻ ۾ سستي ڪندا آهن، جيئن ارشاد فرمائي ٿو:

وَإِذَا قَامُوا إِلَى الصَّلَاةِ قَامُوا كُسَالَى يُرَاءُونَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُونَ اللَّهَ إِلَّا قَلِيلًا (النساءَ ع 21 پ 5)

۽ جڏهن اهي نماز لاءِ اٿندا آهن ته ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ سست ٿي پڙهندا آهن.

رب سائين ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

وَلَا يَأْتُونَ الصَّلَاةَ إِلَّا وَهُمْ كُسَالَى وَلَا (التوبة 7 پ 10)

آرس ڪرڻ کان سواءِ نماز نه پڙهندا آهن.

ابن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو: اسان ڏٺو ته باجماعت نماز کان پوئتي اهو ماڻهو رهيو ٿي، جيڪو منافق هو ۽ ان جي منافقي هر ڪنهن کي معلوم هئي. ڇا تون ان ڳالهه تي راضي آهين ته تون منافقن جي ٽوليءَ مان هجين، جن کي قيامت جي ڏينهن تمام سخت عذاب ٿيندو؟

## الله تعاليٰ جي عظمت ۽ وڏائي

باجماعت نماز پڙهڻ کان پوئتي رهڻ، در حقيقت ايمان جي ڪمزور هجڻ جو دليل آهي ۽ الله جي عظمت، عزت ۽ احترام کان دل جي خالي هجڻ جي نشاني آهي. ورنہ ڪنهن ايماندار ۽ صحيح معنيٰ ۾ مسلمان کي ڪيئن ٿو جڳائي، جو الله تعاليٰ جي طرفان اعلان ڪندڙ جو اعلان ڏينهن رات ۾ پنج دفعا ٻڌي ٿو تہ ''حي عَـلَـي الصلواة حي علي الفلاح'' (اچو نماز تي، اچو ڪاميابيءَ تي) پوءِ بہ اهو نمار تي نہ اچي ۽ بانگي جي زباني الله تعاليٰ جو سڏ ٻڌندو رهي ٿو: الله اڪبر الله اڪبر (الله وڏو آهي، الله وڏو آهي) تڏهن بہ نماز کان راند کي وڌيڪ ضروري سمجهي ٿو، فلمون ڏسڻ ۽ سماج جون بيون برايون قبول ڪري ٿو، واپار ۽ خريد وفروخت کي اهم ڄاڻي ٿو. ۽ فاني دنيا جي ڪمن ڪارن کي ترجيح ڏي ٿو. بانگي جا اهي الفاظ بہ ان جي ڪنن تائين پهچن ٿا تہ: الصلاة خير من النوم الصلاة خير من النوم (نماز ننڊ کان بهتر آهي، نماز ننڊ کان بهتر آهي) تنهن هوندي بہ وٽس ننڊ نماز کان وڌيڪ پياري آهي.

## وڏائي صرف الله تعاليٰ کي جڳائي

ڪن ماڻهن کي نماز باجماعت ادا ڪرڻ کان، سندن وڏاءُ ۾ غرور روڪيندو آهي. (الله جي پناه) انهن مان ڪو هن ڳالهه تي فخر ڪندو آهي تہ آئون هن مزدور يا مسڪين جي پرسان ڪيئن (پير پير سان ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي) بيهان. حالانڪ نبوي فرمان آهي تہ: لا يدخل الجنة من کان في قلبہ مثقال ذرة من کبر. يعني بهشت ۾ اهو ماڻهو داخل نہ ٿيندو، جنهن جي دل ۾ ذري برابر بہ وڏاءُ هوندو. (الله تعاليٰ اهڙي غرور کان بچائي-آمين)

## مسجد ۾ وڃڻ ضروري آهي

منهنجا مسلمان ڀائرو! توهان پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهو تا ۾ الله جي گهر کي ڇڏي ڏيو تا. حالانڪ جيسين تون هن دنيا ۾ جيئرو آهين، تيسين توکي مسجد ۾ هر حال ۾ وڃڻو پوندو، پوءِ زنده هجين يا مئل (جيئرو نہ وئين تہ مرڻ کان پوءِ تہ مسجد ۾ تو جهڙي بي نمازيءَ تي جاهل ۾ اڄوڪا پيٽو ملان نماز پڙهندا) پوءِ تون زندگيءَ ۾ ئي مسجد ۾

داخل ٿيڻ جو شوق ۽ حرص رک، ان کان اڳ جو تنهنجو لاش ماڻهن جي ڪلهن تي هجي، ان وقت مسجد ۾ آندو وڃين (ڪانڌي تنهنجي ڪٽ کي مسجد ڏانهن) نماز لاء کڻي وڃن. ان وقت توکي نہ ڪو تنهنجو مال فائدو ڏيندو، نہ ڪا تجارت، نہ رعب تاب ۽ مان مرتبو ۽ نہ دنيا جا ڪم ڪار، جن توکي رب جي سڏ ۽ بانگ ٻڌڻ کان ۽ نماز پڙهڻ کان روڪيو آهي.

## مردن جا ڪم ۽ سندن تربيت

منهنجا مسلمان ڀاءُ!هي مسجدون حقيقت ۾ اهي سکڻ جا مدرسا ۽ اسڪول آهن. جن ۾ ڪئي نسل ۽ جماعتون تربيت حاصل ڪن ٿيون، هي درسگاهون (UNIVERSITIES) آهن، جن مان مانجهي مرد ۽ قابل انسان سکيا وٺي ٻاهر نڪرن ٿا .

مسلمانن کي هن دنيا ۾ تيسين ڪڏهن بہ عزت، قوت ۽ رعب حاصل نہ ٿيندو، جيسين موٽي مسجدن ۾ نہ اچن ۽ انهن

منجهان سکيان وني، ائين نکرن جيئن اسان جا اڳيان ۽ گذريل اعليٰ انسان. هن لاءِ تہ هدايت، حق، نور، روشني ۽ سوجهرو هر هنڌ پکيڙين (۽ دنيا کي خوشبوء سان ٻهڪائين) ان بابت شاعر چيو آهي:

لابد من صنع الرجال ومثلہ صنع السلاح
وصناعة الابطال علم قد دراہ اولوا الصلاح
من لم يلقن اصلہ من اهلہ فقد النجاح
لا يصنع الابطال الا في مساجدنا الفساح
في روضة القرآن في ظل الاحاديث الصحاح
شعب بغير عقيدة ورق يذريہ الرياح
من خان (حي علي الصلواة) يخون (حي علي الكفاح)

(ترجمو) مرد پيدا ڪرڻ ضروري آهن. ساڳي طرح هٿيار ٺاهڻ بہ ضروري آهي. مجاهد علم سان ئي پيدا ٿيندا آهن، ان ڳالهہ کي صالح انسانن ئي ڄاتو آهي. جيڪي وڏا ننڍن کي نہ سيکارين، اهي ڪاميابيءَ کان پري آهن. ديني جذبي سان سرشار مجاهد، مسجدن جي اڱڻ ۾ تربيت وني

تيار ٿيندا آهن. قرآن جي روشني ۾، ۽ صحيح حديثن جي چانو ۾. بنا عقيدي واري دل ائين آهي، جيئن وڻ جي پنن کي هوائون اڏارينديون آهن. جنهن بانگ ٻڌي نماز ۾ خيانت ڪئي اهو رزق ۾ خيانت ٿو ڪري (شاعر يوسف قرضاوي)

هاڻي فرانس جي فيلسوف رينن جو قول پيش ڪجي ٿو، هو چوي ٿو ته عجڏهن آئون مسلمانن جون جماعتون ۽ سندن صفون ڏسان ٿو ان وقت مون کي افسوس ٿئي ٿو ته ڪاش! آئون بہ مسلمان هجان ها ۽

ڇا اسين باجماعت نماز پڙهون ٿا ۽ ان جي حفاظت ڪريون ٿا؟

## عبرت وارو واقعو

هي واقعو ان ماڻهوءَ جو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ جسماني قوت ۽ سگهہ سان نوازيو آهي، ليڪن هو ان ڳالهہ کي وساري وينو آهي تہ الله تعاليٰ وڌيڪ سگهہ وارو غالب آهي. سندس عادت ۽ طريقو هي آهي تہ الله جي طرفان، ان جي طرف پڪارڻ واري جي سڏ کي ٻڌي بہ ٿو ليڪن نماز

ڏانهن نٿو وجي. ٻي طرف جڏهن هن جو پنهنجو خيال ۽ سڏ ۽ نفس جنهن طرف سڏي ٿو تہ يڪدم ان کي قبول ڪري ٿو، هن کي مال گڏ ڪرڻ جو فڪر ڏينهن رات آهي. ان ڪري پرواه نٿو ڪري تہ اهو مال حلال مان آهي، يا حرام مان.

عاهو ماڻهو مزدوري ڪندو هو ۽ بازارن ۾ سامان هڪ هنڌان کڻي ٻي هنڌ پهچائيندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن مارڪيٽ هينان بار کڻي لنگهيو. اوچتو هن جي مٿان ڇت ڪري پئي جنهن ڪيس چرڻ کان چور، هلڻ کان مجبور ۽ اپاهج ڪري ڇڏيو. پوء مرڻينگ حالت ۾ زنده لاش بڻجي ويو. هاڻي هميشہ لاء جيئرو پر مئن کان بہ بدتر ٿي ويو. ايتري قدر جو پيشاب ڪرڻ کان بہ لاچار. دوائون کائي کائي ڪاڪوس ۾ ويندو هو پوء بہ ڪيس ٿي ڪلاڪ پگهر وهندو هو، وڏي تڪليف کان پوء آجو ٿي ٻاهر ايندو هو. ڪنهن دوست ان جي بيماري جو حال ڏسي پڇيس تہ هن وقت تنهنجي ڪهڙي تمنا آهي؟ جواب ڏنائين تہ عاها تہ نماز باجماعت مسجد ۾ پڙهانۂ (اهو واقعو هڪ عالم عبدالله

مطرود جي تقرير تان ورتل آهي)

هاڻي ائين ٿوچوين! هيترا چڱيلائي وارا ڏينهن ڪيڏانهن ويو هئين؟ جن ۾ تو بانگي جي پڪار ڪي ٻڌو پر ڌيان نہ ڏنئي، پوء توکي اڄ اهو عقل ڪنهن سيکاريو جو بانگ ٻڌي حاضري ڀرڻ چاهين ٿو؟

مسلمان ڀاءُ! تون پاڻ کي انهيءَ ماڻهوءَ جي جاء تي خيال ڪر. آخر پنهنجي انهيءَ عادت کي بدلائڻ ۾ تو لاء ڪهڙي شيء رڪاوٽ آهي؟ تون اهو ڇو نٿو سوچين تہ آخرڪار تو کان تنهنجا گهر وارا ۽ عزيز قريب، ساڻي ناميد ٿي ويندا ۽ تون بستري جي حوالي ٿيندين. بلڪ پوء پاسو ڦيرائڻ جي بہ طاقت نہ هوندي، تان جو اها شيء تنهنجي گوشت ۽ هڏن کي کائيندي تان جو گوشت ۽ هڏا بہ ختم ٿي ويندا. انهيءَ ڳالهہ تي بہ سوچ ۽ ويچار ڪر تہ الله تعاليٰ توکي صحتمند ڪيو ۽ چڱيلائي عطا ڪيائين. توکي چڱيءَ ريت معلوم هئڻ گهرجي تہ نعمتن جو باقي رهڻ الله تعاليٰ جي شڪر ادا ڪرڻ تي ٻڌل آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

لَئِنْ شَكَرْتُمْ لأَزِيدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ إِنَّ عَذَابِي لَشَدِيدٌ

(ابراهيم ع 1پ 14)

جيڪڏهن توهان منهنجو شڪر ادا ڪندؤ تہ اوهان کي آئون ضرور وڌائيندس، پر جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ تہ پوءِ منهنجو عذاب سخت آهي.

انهن نعمتن جو شڪر هن ريت تي سگهي ٿو جو اوهان انهن کي الله جي رضا ۾ صرف ڪيو. جمع ۽ جماعت ۾ حاضر رهو. قرابت ڳنڍيندي پنهنجن سان سٺو سلوڪ ڪريو. انهيءَ قسم جون ٻيون نيڪيون ۽ الله ڏانهن ويجهو ڪندڙ ٻيان نيڪ ڪم سمجهڻ گهرجن.

## باجماعت نماز پڙهڻ جي وجوب تي دليل

مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ تي دليل الله جي ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي سنت، اصحابن سڳورن جي فرمانن ۾ گهڻا ملن ٿا. جيڪي گهڻن ماڻهن کان لڪيل نہ آهن، ان ڪري آئون حجت قائم ڪرڻ لاءِ چند دليل پيش ڪريان ٿو.

## قرآن مجيد مان دليل

1- اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو:

يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَيُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُودِ فَلاَ يَسْتَطِيعُونَ خَاشِعَةً أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ وَقَدْ كَانُوا يُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُودِ وَهُمْ سَالِمُونَ (القلم ع ٢ پ ٢٩)

جنهن ڏينهن پنيءَ جي تجلي ظاهر ٿيندي ۽ انهن کي سجدي ڏانهن سڏيو ويندو ته ادا ڪري نه سگهندا. سندن اکيون جهڪيون ٿي ونديون ۽ کين خواري وٺي ويندي. بيشڪ انهن کي سجدي ڏانهن سڏبو هو جڏهن چڱا ڀلا ۽ صحتمند هئا.

سعيد بن مسيب چوي ٿو: ان جو مطلب هي آهي ته جڏهن چڱا ڀلا هئا. تڏهن بانگ جا هي لفظ ٻڌندا به هئا ته نماز ۽ ڪاميابيءَ ڏي اچو۽ پوء به ان سڏ تي ڌيان نه ڏيندا هئا.

ڪعب الاحبار چوي ٿو: ته خدا جو قسم هيءَ آيت صرف

انهن جي باري ۾ نازل ٿي آهي جيڪي جماعت کان پوئتي رهن ٿا. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو سخت وعيد ٿي سگهي ٿو. جو جيڪو ماڻهو جماعت ۾ حاضر ٿيڻ جي قوت رکي پوءِ ٻہ جماعت سان نماز نٿو پڙهي.

2- الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَآتُوا الزَّكَاةَ وَارْكَعُوا مَعَ الرَّاكِعِينَ

(البقره ع 5 پ 1)

۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪريو.

لفظ "وَارْكَعُوا مَعَ الرَّاكِعِينَ" (رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪريو) اهو جماعت سان نماز پڙهڻ جي وجوب لاءِ صريح نص ۽ قرآني دليل آهي ۽ نمازين کي انهن سان گڏ شريڪ ٿي نماز پڙهڻ لاءِ آهي. جيڪڏهن صرف نماز پڙهڻ مقصود هجي ها تہ ان لاءِ ائين هجي ها تہ وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ (نماز پڙهو)

3- الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَإِذَا كُنتَ فِيهِمْ فَأَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلَاةَ فَلْتَقُمْ طَائِفَةٌ مِنْهُمْ مَعَكَ (النساءَ ع ١٥ پ ٥)

اي نبي ﷺ! جڏهن جنگ مهل تون انهن ۾ هجين ۽ کين نماز پڙهائين تہ منجهانئن هڪ ٽوليءَ کي توسان بيهڻ گهرجي.

آيت مان دليل هن طرح ورتو ويو آهي تہ جڏهن جنگ جي حالت ۾ بہ الله تعاليٰ نماز جماعت سان پڙهڻ فرض ڪئي آهي، پوءِ امن جي حالت ۾ تہ اجا بہ وڌيڪ ضروري آهي، ۽ جيڪڏهن جماعت سان نماز ڪنهن کي معاف هجي ها تہ پهرين انهن کي معاف ٿئي ها جيڪي دشمن تي حملو ڪرڻ لاءِ جهاد وقت تيار بيٺا آهن.

## حديث مان دليل

حديث (1) بخاري مسلم ۾ ابوهريره رضي الله عنہ کان مروي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

لَقَدْ هَمَمْتُ أَنْ آمُرَ بِالصَّلَاةِ فَتُقَامَ ثُمَّ آمُرَ رَجُلًا فَيُصَلِّيَ بِالنَّاسِ ثُمَّ

أَنْطَلِقَ مَعِي بِرِجَالٍ مَعَهُمْ حُزَمٌ مِنْ حَطَبٍ إِلَى قَوْمٍ لاَ يَشْهَدُونَ الصَّلاَةَ فَأُحَرِّقَ عَلَيْهِمْ بُيُوتَهُمْ بِالنَّارِ.

ترجمو: يعني مون ارادو ڪيو تہ منهنجي حڪم سان تڪبير چئي وڃي، پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي حڪم ڏيان تہ منهنجي بدران اهو ڪين نماز پڙهائي، پوءِ آئون انهن ماڻهن سان گڏ وڃان جن وٽ ڪاٺين جي ڀري هجي، پوءِ قوم جي انهن گهرن کي باهہ ڏيان جيڪي باجماعت نماز ادا ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ حاضر نٿا ٿين.

اها ڌمڪي ۽ گهرن کي ساڙڻ جو وعيد فرض جي ڇڏڻ ڪري آهي.

حديث (2) صحيح مسلم ۾ روايت آهي تہ هڪ نابين شخص رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ مون کي مسجد تائين وٺڻ وارو ڪونهي، ڇا مون کي ان حال ۾ گهر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت آهي؟ پاڻ فرمايائون: هل تسمع النداءَ بالصلاه؟ (اذان ٻڌين ٿو؟) عرض ڪيائين تہ ها. پاڻ فرمايائون تہ پوءِ ان کي قبول ڪر پوءِ جيڪڏهن اهو فيصلو انڌي جي حق ۾ آهي، جنهن کي مسجد تائين وٺي اچڻ وارو

ڪونهي، پوءِ ان ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙو حڪم آهي جيڪو ڇڳو پلو ۽ اڪين سان ڏسي به پيو ۽ وٽس ڪو به عذر ڪونهي.

حديث (3) ابودائود، ابن ماجه ۽ صحيح ابن حبان ۾ ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: جنهن ماڻهو نماز جو اعلان ٻڌو ۽ ان ڏانهن نه وڃڻ لاءِ وٽس ڪو عذر ڪونهي ته جيڪا نماز گهر ۾ پڙهي ٿو، اها قبول نه ٿيندي، عرض ڪيو ويو ته اي الله جا رسول! عذر ڪهڙو آهي؟ فرمايائون ته خوف خطرو يا مرض.

## اصحابن رضي الله عنهم جا فرمان

صحيح مسلم ۾ عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو: جنهن کي اها ڳالهه پسند آهي ته سڀاڻي الله تعاليٰ سان مسلمان ٿي ملاقات ڪري، ان کي گهرجي ته هنن نمازن جي حفاظت ڪري، جن ڏانهن سڏيو ٿو وڃي. ڇو ته الله تعاليٰ توهان جي پاڪ پيغمبر لاءِ، هدايت وارا رستا شريعت ذريعي موڪليا آهن، بيشڪ هدايت جون واٽون اهي آهن. جيئن هي غافل پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهي ٿو، جيڪڏهن توهان به ان وانگر پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهي ته

توهان پنهنجي پياري پيغمبر جي واٽ ۽ طريقي کي ڇڏي ڇڪا ۽ جڏهن نبيءَ واري واٽ ڇڏيَـو تہ پوءِ توهان گمراه ٿي ويندا. ڪوبہ شخص پاڪائي ۽ سهڻي نموني وضو ڪري ٿو، پوءِ انهن الله جي گهرن يعني ڪنهن هڪ جي طرف وڃي ٿو تہ الله تعاليٰ هر وک جي بدلي نيڪي لکڻ فرمائيندو، ۽ هڪ درجو بلند فرمائيندو ۽ هڪ برائي ميٽي ويندي. بيشڪ اسان سندن زماني ۾ ڏٺو ۽ معلوم ڪيو تہ مسجد ۾ نماز کان پوئتي صرف اهو رهيو ٿي، جيڪو پڪو منافق هو، پر مؤمن تہ ٻن مسلمان پائرن جي ڪلهن تي ٽيڪ لڳائي صفـ۾ (جماعت سان) بيهندو هو.

ابوهريره رضي الله عنہ جو فرمان آهي: آدم جي اولاد جا ڪن پگهريل شيهي سان ڀرجن، اهي ان کان بهتر آهن جو بانگ ٻڌي پوءِ بہ مسجد ۾ نہ اچي.

هنن ڇٽن دليلن کان بعد بہ جيڪو مسجد ۾ نماز نٿو پڙهي، ان لاءِ ڪو عذر باقي رهي ٿو؟ هي دليل ان جي مٿان حجت ۽ ثابتي آهن جنهن انهن کي پڙهيو ۽ ٻڌو

آهي، ڪائنس سگهوئي قيامت جي ڏينهن ان بابت پڇا ٿيندي، الله تعاليٰ توفيق ڏيڻ وارو آهي(آمين)

## باجماعت نماز جا فائدا

الله تعاليٰ باجماعت نماز ڪنهن وڏي حڪم ۽ سٺي فائدي جي ڪري مقرر ڪئي آهي، . اهي فائدا هي آهن:

1- ٻانهن جو امتحان: الله تعاليٰ ظاهر ڪرڻ گهري ٿو تہ ڪير آهي، جيڪو سندس حڪم مڃي ٿو ۽ ڪير آهي جيڪو ان کان منهن موڙي ۽ وڏائي ڪري ٿو.

2- نماز مسلمانن جي وچ ۾ سڃاڻپ، حال احوال ڏيڻ ونڻ، محبت ۽ رابطي جو سبب آهي تہ جيئن اهي هڪ ئي جسم ٿي وڃن، ان عمارت وانگر جنهن جي هڪڙي سر ٻيءَ کي مضبوط بنائي ٿي. پر جيڪو مسجد ۾ نماز نٿو پڙهي، ان کي پاڙي وارا بہ ڪونہ ٿا سڃاڻن، سواء انهن جي جن جا پاڻ ۾ دنياوي مفاد ۽ مصلحتون آهن.

3- جاهل جي سکيا ۽ تربيت ۽ غافل لاء نصيحت، پوء

جاهل جڏهن عالم کي ڏسي ٿو تہ ان جي پيروي ڪري ٿو، ۽ غافل جڏهن وعظ ٻڌي ٿو تہ ان مان کيس ڪجهہ پلئہ پوي ٿو.

4- ان مان جماعت سان نماز پڙهندڙ کي خشوع، عاجزي، سوچ ۽ کيس نماز مان فائدي وٺڻ جو احساس ٿئي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪو گهر ۾ نماز پڙهي ٿو، ان کي انهن ڳالهين جي ڪري احساس ۽ شعور پيدا نٿو ٿئي بلڪ ڪڏهن تہ ان تي نماز ڳري ٿيو پوي ٿي پوء ڪڪڙ وانگر ٺونگا هڻي ٿو ۽ ان طرح کيس ڪوبہ فائدو حاصل نٿو ٿئي.

5- الله جي دشمن کي ان طرح ڪاوڙ ڏياري ۽ کين ڏچاريو وڃي ٿو. انهن سڀني دشمنن جو سردار رئيس ابليس آهي. جنهن تي الله جي هميشہ لاء لعنت پيل آهي. ۽ ان جو لشڪر جنن ۽ انسانن مان سرڪش آهن، جن کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي ٿي جو مسلمان مسجدن ڏانهن موٽي اچن ۽ انهن کي نماز سان آباد ڪن، خاص طرح نوجوان.

6- ان طرح مسجد ڏانهن وڃڻ ۽ موٽڻ سان جسم ۾ چستي، ڦڙتي، حرڪت ۽ بدن جي توانائي اچي ٿي، خاص ڪري جڏهن ان جو گهر مسجد ڪان پري آهي، ان جي برخلاف جيڪو گهر ۾ نماز پڙهي ٿو، اهو گهڻو ڪري سستيءَ جو شڪار رهندو آهي، اها ڳالهه تجربي ۾ آيل آهي.

هي چند فائدا نماز باجماعت پڙهڻ جا آهن ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ان جا ديني خواہ دنيوي اجا ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن. منهنجا ادا! تنهن ڪري تون مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ تي شوق ڪر، ان جي ڪري تو لاءِ نفاق ڪان بيزاري لکي ويندي.

ترمذيءَ ۾ انس بن مالڪ رضي الله عنہ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن لڳاتار چاليهہ ڏينهن جماعت سان گڏ نماز پڙهي ۽ پهرين تڪبير ۾ پهتو تہ ان لاءِ بہ بيزاريون لکبيون: باہ ڪان ۽ نفاق ڪان.

## نماز باجماعت پڙهڻ بابت اختياري فتويٰ

سوال: ڇا ملازمن لاءِ اها ڳالهه ضروري آهي ته اهي آفيسن ۾ نماز پڙهن، جڏهن ته انهن کي مسجد به ويجهي آهي يا مسجد ۾ نماز پڙهڻ ضروري آهي؟

جواب: اها رسول الله ﷺ جن جي عادت مبارڪ ۽ سنت هلي اچي ته نماز باجماعت سان، مسجد ۾ ادا ڪرڻي آهي. ۽ پاڻ سڳورن ارادو ڪيو ته جيڪي نماز کان پوئتي گهرن ۾ رهن ٿا، ۽ مسجد ۾ نٿا اچن ته سندن گهرن کي ساڙي ڇڏين.

مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ تي چئن خليفن ۽ اصحابن ۽ تابعين جو عمل رهيو آهي.

صحيح حديث ۾ آهي، پاڻ فرمائين ٿا: جنهن بانگ ٻڌي پوءِ به مسجد ۾ نماز لاءِ نه آيو ته ان لاءِ ڪو عذر ۽ بهانو نه آهي.

ٻي حديث ۾ آهي ته ڪين هڪ نابين شخص عرض ڪيو ته اي الله جا رسول! مون کي مسجد تائين ڪوئي وني وڃڻ وارو ڪونهي، ڇان مون لاءِ اجازت آهي ته آئون گهر ۾ نماز

پڙهان؟ فرمايائون تہ بانگ ٻڌين ٿو؟ عرض ڪيائين تہ ها. پوءِ فرمايائون تہ ان کي قبول ڪر. هڪ روايت ۾ آهي تہ آئون تولاء ڪا اجازت نٿو لهان.

ان مان هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿي تہ هر ڪنهن اداري جي ملازمن تي لازم آهي تہ اهي ظهر (اڳين) نماز جماعت سان مسجد ۾ پڙهن ۽ سنت تي عمل ڪن. ۽ فرض کي ادا ڪن ۽ حيلي سان نماز کان پوئتي رهڻ کان پاسو ڪن. ان حيلي تہ ڪين مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ کان روڪيو. مٿن لازم آهي تہ منافقن جي مشابهت ۽ پيرويءَ کان بچن.

## بي نمازي پاڙيسري

سوال: اسان جو انن سالن کان هڪ پاڙيسري آهي، ان جو گهر مسجد کان هڪ ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي، ان هوندي بہ مسجد ۾ نماز نٿو پڙهي ۽ جمع بہ ڪونہ ٿو پڙهي. جڏهن امام صاحب کان فتويٰ پڇيم تہ چيائين تہ هر ڪنهن کان پنهنجي باري ۾ پڇا ٿيندي، پاڙيسريءَ هجڻ جي صورت ۾ ڇا اسان کان ان جي باري ۾ پڇا ٿيندي؟

جواب: ان کي نصيحت ڪرڻ توهان جو فرض آهي، پوء بہ نصيحت حاصل نٿو ڪري تہ پوء ان جو معاملو انهن وٽ آندو وڃي جيڪي چڱاين جو حڪم ڪندڙ ۽ براين کان روڪيندڙ آهن، ٻي صورت ۾ اهو معاملو ڪورٽ ۾ آندو وڃي (شيخ ابن باز جي فتويٰ)

سوال: مسجد جي ويجهو مسلمانن مان، نماز لاء پاڻ تہ ڪيترا اچن ٿا پر سندن اولاد، جن تي نماز فرض آهي، اهي ڪي بالغ تہ ڪي شادي شده آهن تن کي گهر ۾ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ انهن کي باجماعت نماز جو حڪم نہ ڪندا آهن جيئن اهي مسجد ۾ اچي پڙهن. انهن کي ڊپ آهي تہ متان سندن اولاد ڪانئن نفرت ڪري. خاص ڪري فجر نماز وقت، اهڙي مائٽ جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آهي، جيڪو پاڻ تہ عمل ڪري ٿو، ڇا ان جي پنهنجي نماز ٿئي ٿي؟ ۽ هو ان طرح جوابداري کان آزاد ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن تہ اولاد جماعت ۾ نٿو اچي ۽ پيءُ پنهنجي پٽ کي ان جي مرضيءَ تي ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ الله تعاليٰ هدايت ڪندو ۽ شريعت جوابداري ان تي عائد ڪئي آهي، يا جيڪا قوت ڏني آهي ان کي

استعمال نٿو ڪري. ڪنهن عالم کان به نه ٿو پڇي ۽ ان ڪم کي ايترو اهم ڪونه ٿو سمجهي. ان جي نتيجي ۾ پٽ پيءُ جي نرميءَ جو ناجائز فائدو وٺي ٿو. جيڪا ان جي نافرمانيءَ جو سبب بنجي ٿي. اها ڳالهه مشاهدي ۽ تجربي ۾ اچي چڪي آهي ته ڪيترا پٽ، پيءُ کي سامهون ٿيا ۽ اڪيون ڊيڪاريائون بلڪ پوري خاندان سان وڙهيا. تنهن ڪري سهڻي جواب جي اميد ٿو ڪريان؟

جواب: جيڪو ماڻهو پاڻ نماز لاء اچي ٿو ۽ اولاد کي ستل ڇڏي ٿو ۽ سستي جي ڪري ان کي نماز جو حڪم نٿو ڪري ۽ نه کي انهن کي غفلت کان منع ٿو ڪري ان صورت ۾ اها تربيت اڻپوري چئبي ۽ اهو واضح غلطي تي آهي. پر هن جي پنهنجي نماز تي ويندي ان ۾ ڪا گهٽتائي واقع نه ٿيندي. پر جيڪڏهن اولاد نٿو مڃي جڏهن ته هو انهن کي تاڪيد ڪندو رهي ٿو ۽ غلطي جي ڪري ڪين خبردار به ڪري ٿو. ليڪن هو ڳالهه نٿا مڃن ۽ نصيحت قبول نٿا

ڪن. ان صورت ۾ ان کي گهرجي تہ اهو معاملو عدالت يا حڪومت ۾ کڻي وڃي ۽ ان قدم کڻڻ کان هن کي ڪا شيء نہ روڪي. وقت جي حاڪمن تي بہ لازم آهي تہ جڏهن وٽن اهڙي شڪايت اچي تہ پنهنجو فرض ادا ڪندي ان کي جوڳي سزا ڏين. (شيخ ابن عثيمين)

**سوال:** بي نمازي ۽ جيڪو نماز ۾ سستي ڪري ٿو ۽ ان کي معمولي ڄاڻي ۽ مسلمانن جي جماعت ۾ نٿو اچي بلڪ گهر ۾ نماز پڙهي ٿو يا جيڪو وقت وڃائي پوء پڙهي ٿو ان جي باري ۾ ڪهڙي فتويٰ آهي؟

**جواب:** هي ٽي مسئلا آهن.

**پهريون مسئلو:** نماز ڇڏڻ ڪفر ۽ دين کان نڪرڻ آهي پوء جيڪو نماز نٿو پڙهي اهو پڪو ڪافر ۽ دين کان نڪتل آهي، جيڪڏهن ان جي زال نمازي آهي تہ ان جو نڪاح ختم ڪرايو ويندو ۽ ان جي ڪٺي حلال نہ آهي، ان جو روزو ۽ صدقو بہ قبول نہ پوندو ۽ ان لاء مڪي پاڪ ڏانهن وڃڻ بہ

جائز نہ آهي. ۽ نڪي حرم ۾ داخل ٿئي، جڏهن اهڙو پليت انسان مري وڃي تنهن کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ جائز نہ آهي ۽ نہ ڪي مٿس نماز جنازه پڙهي ويندي ۽ نڪي مسلمانن سان گڏ دفن ڪيو ويندو. بلڪ ان کي ميدان ۾ آڻي، ڪڏ ڪٽي ان ۾ اڇلايو ويندو. جنهن جو عزيز قريب مري ويو آهي ۽ خبر بہ اٿس تہ هو نماز نہ پڙهندو هو. ان لاء حلال نہ آهي تہ ماڻهن کي ڌوڪو ڏيئي ان جي جنازه نماز پڙهائي، ڇو تہ ڪافر جي نماز پڙهڻ حرام آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَلَا تُصَلِّ عَلَى أَحَدٍ مِنْهُمْ مَاتَ أَبَدًا وَلَا تَقُمْ عَلَى قَبْرِهِ إِنَّهُمْ كَفَرُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ. (توبہ ع ١١ پ ١)

۽ منجهانئن جيڪو مري تنهن تي بلڪل نماز نہ پڙهہ، نڪي سندس قبر تي بيهہ، بيشڪ انهن الله ۽ سندس رسول کي نہ مڃيو.

الله تعاليٰ بئي هنڌ فرمائي ٿو:

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِينَ آمَنُوا أَنْ يَسْتَغْفِرُوا لِلْمُشْرِكِينَ وَلَوْ كَانُوا أُولِي

قُرْبَى مِن بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ أَنَّهُمْ أَصْحَابُ الْجَحِيمِ
(توبہ ١٤ پ ١١)

نبيءَ ۽ ان جي تابعدار ايمان وارن کي اها ڳالهہ لائق نہ آهي تہ هو مشرڪن لاءِ بخشش جي دعا گهرن، جيتوڻيڪ اهي مائٽي وارا هجن، هن کان بعد جو اهو پڌرو ٿي چڪو آهي تہ اهي دوزخي آهن.

پر جيڪو ماڻهو جماعت سان نماز نہ ٿو پڙهي ۽ گهر ۾ ٿو پڙهي تہ اهو فاسق آهي، باقي ان کي ڪافر ڪونہ چئبو. ليڪن جڏهن ان کي چنبڙيو رهيو ۽ ان تان تر جيترو بہ نہ هٽيو تہ فاسق ٿيندو ۽ ان مان انصاف واري صفت ختم ٿي ويندي. جيڪو ماڻهو وقت وڃائي پڙهي، اهو ان کان وڌيڪ گنهگار آهي، جيڪو جماعت سان نٿو پڙهي. ڇو تہ ان کان جماعت تہ وئي پر وقت بہ وڃائي پوءِ ٿو پڙهي. پر جيڪو نماز صفا نٿو پڙهي، ان کان ڪنهن حد تائين نيڪ آهي. بهرحال نماز جو مسئلو اهم آهي مومن تي واجب آهي تہ ان کي ادا ڪندو رهي. نماز دين اسلام جو ٿنڀو آهي جيئن حديث ۾ بيان ٿيل آهي. پوءِ جنهن عمارت کي ٿنڀو نہ آهي

اها هميشہ لاء مضبوط نہ رهندي، بلڪ ڪمزور رهندي.
تنهن ڪري مسلمانن تي لازم آهي تہ هو هڪ ٻئي کي نصيحت ۽ خير خواهي ڪن ۽ نماز جو حڪم ڏين ان جو شوق رکن (شيخ ابن عثيمين)

سوال: اهي سبب ڪهڙا آهن جن لاء الله تعاليٰ شريعت موڪلي، جيڪا مسلمانن لاء مثالي طريقو واضح ڪري ٿي، بالغ ۽ سمجهہ وارن ڇوڪرن جي نصيحت ۽ انهن جي توجہ ڏيارڻ خاطر ۽ جيڪي انهن جي تربيت ۾ آهن اهي نماز باجماعت ۽ وقت تي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪن ٿا؟

جواب: اهو طريقو ماڻهن جي طبيعت ۽ عادت تي ٻڌل آهي، ان ڪري الله تعاليٰ فرمايو:

أُدْعُ إِلَى سَبِيلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ (النحل ع ١٦ پ ١٤)

اي نبي حڪمت ۽ چڱي نصيحت سان پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن ماڻهن کي سڏ ۽ بهترين نموني سان انهن سان

بحث مباحثو ڪر.
ليڪن منهنجي ناقص علم مطابق هن جو وڏو سبب هي آهي ته انسان ڪوشش ڪري پنهنجي اولاد سان محبت ڪري ۽ انهن سان ميل جول رکندو رهي ۽ هر وقت ڳالهه ٻولهه ڪندو رهي، ۽ سندن حال احوال وٺندو رهي، ۽ ناشتو ۽ منجهند ۽ رات جي ماني انهن سان گڏ ڪائي. تان ته انهن ۾ الفت ۽ محبت جو جذبو پيدا ٿئي. محبت وڏو سبب آهي نصيحت جي قبول ڪرڻ جو ۽ جنهن طرف ان کي دعوت ڏبي ته ڳالهه سمجهي ويندو ۽ ان جو ذهن ۽ سوچ ڦري ساڳي تو واري ٿي ويندي. جڏهن اولاد کي گناهه ۽ نافرماني ڪندي ڏسي ته ان جي منهن جو گوشت نه پٽي، ان جي بي عزتي نه ڪري ۽ نه کي انهن کي اهڙو اگهاڙو ڪري جو حياءَ کان سندن ڪنڌ جهڪي وڃي، نه کي انهن جي مٿان ڪاوڙ جو اظهار ڪري. بلڪ محبت ۽ پيار سان انهن کي چڱائيءَ جون ڳالهيون سمجهائي ۽ ڳالهائڻ ۾ سختي نه ڪري بلڪ سهڻي طريقي سان سمجهائي، من اها ڳالهه ان جي دل ۾ جاء وٺي، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان ذڪر ٿيو. (شيخ ابن عثيمين)

## اهم فتويٰ

سوال: ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي گهٽ ڪري پنج وقت نماز بہ نٿا پڙهن، سواءِ جمع جي، پوءِ انهن مان ڪو مري وڃي تہ ڇا مسلمانن تي ان کي دفن ڪرڻ ۽ مٿس نماز جنازه پڙهڻ جائز آهي؟

جواب: سعودي عرب جي فتويٰ واري مجلس جي وڏي عالم شيخ عبدالعزيز جي ان لاءِ فتويٰ هي آهي:

جيڪڏهن حقيقت ائين آهي، پوءِ اهو ماڻهو جيڪو پاڻ نماز نہ پڙهي بلڪ ان جو انڪار ڪري ٿو تہ اها فرض نہ آهي تہ اهو ڪافر آهي اهو مسلمانن جو اجماعي فيصلو آهي. پر جيڪڏهن سستي سبب نماز ڇڏي ٿو ۽ عقيدو هي اٿس تہ نماز فرض آهي تہ بقول عالمن جي، ثابت شده دلائل جي روشني ۾ اهو بہ ڪافر آهي. ان قول مطابق نہ ان کي غسل ڏنو ويندو ۽ نہ ڪي مسلمان ان جي نماز جنازه پڙهندا ۽ نہ ڪي ان کي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو.

## موت جي ياد ۾ بيت

هو الموت ما منہ ملاذ و مهرب متيٰ حط ذا عن نعشہ ذاک يرکب
نشاهد ذا عين اليقين حقيقة عليہ مضي طفل وکهل واشيب
لکن علا الران القلوب کاننا بما قد علمناه يقينا نکذب
نومل آمالا و نرجو نتاجها وعل الردي مما نرجيہ اقرب
ونبني القصور الشمخرات في الهوي وفي علمنا انا نموت وتخرب
الي الله نشکو قسوه في قلوبنا وفي کل يوم واعظ الموت يندب

يعني شاعر چوي ٿو تہ موت اها شيءِ آهي جنهن کان بچاءُ ۽ نجات ممڪن نہ آهي. جڏهن موت انسان جي لاش تي سوار ٿيندو، اِها اُها حقيقت جنهن جو اسين يقين واري اک سان مشاهدو ڪندا رهون ٿا، جو ٻار، ٻڍا ۽ جوان موت جي واديءَ ۾ ڪرندا آهن. ليڪن اسان جي قلب تي ڪٽ چڙهيل آهي. جيڪا ڳالهہ اسان جي علم ۾ يقيني آهي، ان کي اسين ڪوڙو ڪريون ٿا. اسين سڌون ڪريون ٿا ۽ انهن جي نتيجن جي اميد ڪريون ٿا. خواهشات جا شاندار محل اڏيندا وڃون پيا. جڏهن تہ اسان کي معلوم آهي تہ اسين مرنداسون ۽ اهي محل تباهہ ٿيندا. الله تعاليٰ وٽ پنهنجي

قلب جي ڪاراڻ جي شڪايت ڪريون ٿا. هر روز موت جو واعظ اسان کي نصيحت ڪندو رهي ٿو.

ان کان بهتر الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ وَإِنَّمَا تُوَفَّوْنَ أُجُورَكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَأُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ وَمَا الْحَيَاةُ الدُّنْيَا إِلاَّ مَتَاعُ الْغُرُورِ

(آل عمران ع 19 پ 4)

هر پساهه وارو موت جو مزو چکندڙ آهي ۽ اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو پورو اجر ڏنو ويندو. پوءِ جنهن کي باهه کان پري ڪيو ويو ۽ بهشت ۾ داخل ڪيو ويو اهو ڪامياب ٿيو ۽ دنيا جي حياتي ٺڳيءَ جو سامان آهي.